# ميلادِ مصطفيٰ جي

# محفل جون برڪتون

29-September-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

29 سيپٽمبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ميلادِ مصطفٰي جي محفل جون برڪتون

## هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ✿... ڪوهِ طور تي ذِڪر مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ
- ✿... محفلِ ميلاد ڪڏهن ڪري سگهون ٿا؟
- ✿... ميلاد ملهائڻ بہ تعظيم مصطفٰي ۾ شامل آهي
- ✿... ميلادِ مصطفٰي جي محفل جون برڪتون
- ✿... جشنِ ولادت ملهائڻ جا 12 مدني گُل

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو : ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

ڪنهن بزرگ هڪ شخص کي مرڻ کان بعد خواب ۾ ڏسي پڇيو. مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون: الله پاڪ مونکي بخشي ڇڏيو. پڇيائين: ڪهڙي سبب؟ فرمايائين: مان هڪ محدث صاحب (يعني حديث شريف جو علم ڄاڻڻ واري) وٽ حديث پاڪ لکندو هيس، انهن نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ پڙهيو ته مون بلند آواز سان درودِ پاڪ پڙهيو پڻ حاضرين ٻڌو ته انهن به درودِ پاڪ پڙهيو ته الله پاڪ انهيءَ جي برڪت سان اسان سڀني کي بخشي ڇڏيو آهي.(1)

اَعمال نہ دیکھے یہ دیکھا | محبوب کے کُوچے کا ہے گدا
مولا نے مجھے یوں بخش دیا | سُبحانَ اللہ سُبحانَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل

1 ...القول البديع، صفحہ:254۔

ڪرائيندي آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باأدب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

## جيڪو اسان سان خوش ٿيندو آهي، اسان ٻه ان سان خوش ٿيندا آهيون

علّامہ اِبن جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ ڀيري علّامہ ابنِ نعمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قسمت چمڪي، ڪين خواب ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نصيب ٿي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪٿي تشريف ڪٽي وڃي رهيا هئا، علّامہ ابن نعمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون اڳتي وڌي ڪري پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري هٿن کي چميو ۽ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪاڏي تشريف ڪٽي وڃي رهيا آهيو؟ فرمايائون: فلاڻي شخص سان ملڻ وڃي رهيو آهيان. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان ايڏي بلند مرتبي وارا (محبوبِ خدا، امامُ الانبيا، ٻنهي جهانن جا آقا) آهيو، اوهان فلاڻي ماڻهوءَ سان ملڻ وڃي رهيا آهيو (يعني ان کي ڪيپي ها تہ هو اوهان سان ملڻ جي لاءِ حاضر ٿئي ها)؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جلال واري انداز ۾ فرمايو: اي ابنِ نعمان! ادب ڪر! اهو شخص اسان جو ميلاد ملهائيندو آهي.

هي ٻڌي ڪري علّامہ ابنِ نعمان ڪجھ خبردار ٿيا ۽ عرض ڪيو: اي قيامت جي ڏينهن شفاعت فرمائڻ وارا آقا (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! منهنجي جان اوهان تي فِدا ٿئي...!! ان جي ميلاد ملهائڻ جي سبب اوهان ان سان ايترو خوش آهيو؟ فرمايائون: اي ابنِ نعمان! **جيڪو اسان سان خوش ٿيندو آهي، اسان بہ ان سان**

---

1…مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

خوش ٿيندا آهيون.[1]

ہو مبارک اَہلِ ایماں عیدِ میلاد النبی
ہو گئی قسمت درخشاں عیدِ میلاد النبی

چار جانِب دُھوم ہے سرکار کے میلاد کی
جھومتا ہے ہر مسلماں عیدِ میلاد النبی

کِھل اُٹھے مرجھائے دِل اور جان میں جان آگئی
آ گئے ہیں جانِ جاناں عیدِ میلاد النبی

یانبی! اپنی وِلادت کی خوشی میں اپنا غم
دیجئے طیبہ کے سُلطاں عیدِ میلاد النبی[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مبارڪ مهينو، نور وارو مهينو، يعني ماهِ ربيعُ الاول چوته پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ پيدائش جو مهينو آهي، ان جي لاءِ هن مبارڪ مهيني جي تشريف ڪٽي ايندي ئي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ديوانن ۾ خوشيءَ جي لهر اچي ويندي آهي، پُوڙهو هجي يا جوان هر حقيقي مسلمان جڻ ته دل جي زبان سان پڪاريندو آهي:

نثار تیری چہل پہل پر ہزار عیدیں ربیعُ الاوّل
سوائے اِبلیس کے جہاں میں سبھی تو خوشیاں منا رہے ہیں

الله پاڪ اسان کي هن مبارڪ مهيني جون برڪتون نصيب فرمائي اسان به جشنِ ولادت جي خوشيءَ ۾ چراغان (سجاوٽ) ڪيون، گهر سجايون، گهٽيون سجايون، خوب تلاوتِ قرآن ڪيون، درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪيون، محبوب جي ذڪر جون محفلون سجايون، گناهن کان بچندي، شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري خوب ڌوم ڌام سان ميلاد ملهايون، هي سڀ اخلاص سان، الله ۽ رسول جي رضا جي لاءِ ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون

1 ...حصول الفرج لابن جوزی، صفحہ: 22۔
2 ...وسائل بخشش، صفحہ:379-381 ملتقطاً۔

نصيب ٿينديون. الله پاڪ توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نور کی پُھوہار برسی چار سُو ہے روشنی
ہو گیا گھر گھر چَراغاں عیدِمیلادُالنَّبی
غنچے چٹکے، پھول مہکے ہر طرف آئی بہار
ہوگئی صبح بہاراں عیدِمیلادُالنَّبی
ہم نہ کیوں روشن کریں گھرگھر دِیے مِیلاد کے
خود کرے جب حق چَراغاں عیدِمیلادُالنَّبی

سرکار کی آمد! مرحبا!
سردار کی آمد! مرحبا!
رسول کی آمد! مرحبا!
مختار کی آمد! مرحبا!
اچھے کی آمد! مرحبا!
سچّے کی آمد! مرحبا!

## ڪوهِ طور تي ذڪر مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قرآنِ مجيد ۾ مختلف مقامن تي هڪ واقعو بيان ٿيو آهي، سيپارو: 9 سورة اَعراف ۾ هن واقعي جي ڪجھ تفصيل آهي، واقعو هي آهي تہ هڪ ڀيري الله پاڪ پنهنجي نبي حضرت موسيٰ ڪيلمُ الله عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ بني اسرائيل مان 70 ماڻهو چونڊيو ۽ انهن کي ساڻ وٺي ڪوهِ طور تي تشريف ڪٽي وڃو! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام حڪم تي عمل ڪيو، 70 ماڻهو چونڊيائين ۽ انهن کي وٺي ڪري ڪوه طور تي تشريف ڪٽي ويا.

ڪوهِ طور تي پهچي ڪري انهن 70 ماڻهن سخت گستاخي ڪئي، چيائون:

يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً

(سيپارو: 1 سورة بقره: آيت 55)

ترجموڪنزالعرفان: اي موسيٰ! اسان هرگز توهان جو يقين نہ ڪنداسين جيستائين ظاهر ظهور خدا کي نہ ڏسي وٺون.

ياد رکو! الله پاڪ جي ديدار جي آرزو ڪرڻ برو ناهي، هي آرزو تہ حضرت

موسٰي عَلَيهِ السَّلَام جن ۾ ڪئي هئي پر انهن 70 ماڻهن ديدارِ الاهي جي آرزو نہ ڪئي، انهن تہ سرڪشي ڪئي، ڌمڪي واري انداز ۾ حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلَام تي بي اعتباري ڪندي چيائون: **اي موسٰي! اسان اوهان جي ڳالهہ نہ مڃينداسين بلڪ الله پاڪ کي پاڻ ڏسي ڪري ايمان آڻينداسين**. هيءَ گستاخي هئي، بهرحال انهن جي هن گستاخي تي الله پاڪ جو قهر نازل ٿيو ۽ هي سڀ جا سڀ انهيءَ وقت مري ويا.

انهن 70 ماڻهن کي مئل حالت ۾ ڏسي ڪري حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلَام کي خيال آيو تہ هاڻي جيڪڏهن مان اڪيلو واپس ويندُس تہ قوم مون تي الزام هڻندي تہ معاذ الله! مون انهن 70 ماڻهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو آهي. بهرحال پاڻ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪيائون، جنهن جي برڪت سان الله پاڪ انهن 70 بني اسرائيل کي زندهہ فرمائي ڇڏيو.[(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن پوري واقعي مان خاص توجهہ جي لائق جيڪا ڳالهہ آهي، اها هيءَ آهي تہ حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلَام ان موقعي تي دعا ۾ هي بہ عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ ﴿۱۵۵﴾<br>(سيپارو: 9، سورة اعراب: آيت 155) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان تي رحم فرماءِ ۽ تون سڀني کان بهتر بخشڻ وارو آهين. |

حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلَام جي هن دعا جي جواب ۾ الله پاڪ جيڪو ڪجهہ فرمايو، ان جو خلاصو هي آهي تہ اي موسٰي! اسان جي رحمت 3 قِسمن جي آهي:

(1): فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ؕ<br>(سيپارو: 9، سورة اعراف: آيت 156) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ کي محيط آهي. |

---

1 … تفسير نعيمى،پاره:1، سورۀ بقره،تحت الآية:55، جلد:1، صفحه:397 و 398 ملتقطاً و ماخوذاً ـ

يعني اي موسيٰ! هڪ اسان جي عام رحمت آهي، جنهن جو ظهور دنيا ۾ ٿي رهيو آهي، هي رحمت هر هڪ کي ئي ملندي آهي، مثال طور رِزق، صحت، زندگي، سج چنڊ جي روشني وغيره هي سڀ اهي رحمتون آهن جيڪي ڪافر کي بہ ملنديون آهن، مسلمان کي بہ ملنديون آهن، گنهگار کي بہ ڏنيون وينديون آهن، فرمانبردار کي بہ ڏنيون وينديون آهن.(1)

(2): فرمايو:

فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۵۶﴾

(سيپارو: 9، سورة اعراف: آيت 156)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ عنقريب مان پنهنجي رحمت انهن جي لاءِ لکي ڇڏيندُس جيڪي پرهيزگار آهن ۽ زڪوٰة ڏيندا آهن ۽ اهي اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندا آهن.

ايمان جي دولت، دنيا ۾ نيڪيءَ جي توفيق، قبر ۾ ڪاميابي، آخرت ۾ نجات، جنّت ۾ داخلا وغيره، هي سڀ رحمت صرف ان کي ملندي آهي جيڪي تقوٰي وارا، پرهيزگار هجن، خاص طور زڪوٰة ڏيندا هجن، گڏوگڏ اسان جي تمام آيات تي ايمان رکندا هجن، تنهنڪري اي موسيٰ! اوهان جي دعا ڪجھ ترميم سان قبول ڪئي وڃي ٿي، اوهان پنهنجي اُمّت جي لاءِ رحمت گهري، عام رحمت تہ سيني کي پهريان ئي حاصل آهي، رهي خاص رحمت تہ اها اوهان جي اُمّت مان تقوٰي وارن، زڪوٰة ڏيڻ وارن ۽ اسان جي آيات تي ايمان رکڻ وارن کي عطا ڪئي ويندي.(2)

---

1 … تفسير نعيمى،پاره:9،سورۀ اعراف،تحت الآية:156، جلد:9، صفحہ:266و 267 ملتقطاً و ماخوذاً۔

2 … تفسير نعيمى،پاره:9،سورۀ اعراف،تحت الآية:156، جلد:9، صفحہ:267 ملتقطاً و ماخوذاً۔

(3): ان کان بعد الله پاڪ پنهنجي هڪ بي رحمت جو ذڪر فرمايو، ارشاد فرمايو:

اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ

(سيپارو: 9، سورة اعراف: آيت157)

ترجموڪنزالعرفان: اهي جيڪي ان رسول جي پيروي ڪن جيڪي غيب جون خبرون ڏيڻ وارا آهن.

يعني اي موسٰي! اسان جي هڪ خاصُ الخاص رحمت بہ آهي (جيئن اَفضل امّت هجڻ، قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان جنّت ۾ داخل ٿيڻ وغيره)، هيءَ خاصُ الخاص رحمت صرف ۽ صرف اسان جي محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غلامن جي لاءِ آهي[1] تنهنڪري اوهان جي قوم مان جيڪي بني اسرائيل آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو زمانو لهندا، انهن جي پيروي اختيار ڪندا، اسان جي خاصُ الخاص رحمت صرف انهن کي ملي سگهندي.[2]

سُبْحٰنَ اللّٰه! اي عاشقانِ رسول! اندازو لڳايو! الله پاڪ کي پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪيڏي محبت آهي...! ڪوهِ طور آهي، الله پاڪ جا نبي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي اُمّت جي لاءِ رحمت گهري رهيا آهن پر الله پاڪ فرمائي ٿو: اي موسٰي! اوهان جي اُمّت ۾ جيڪي تقوٰي وارا اهلِ ايمان آهن اسان جي خاص رحمت انهن کي ئي ملندي، البتہ اسان جي خَاصُ الخاص رحمت صرف ۽ صرف اُمّتِ مصطفٰي جي لاءِ آهي.

1 … تفسير نعيمى،پاره:9،سورة اعراف،تحت الآية:156، جلد:9، صفحه:266 ماخوذاً۔

2 … تفسير نعيمى،پاره:9،سورة اعراف،تحت الآية:157، جلد:9، صفحه:277 ماخوذاً۔

الله اڪبر! حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام گهري رهيا آهن، انهن جي اُمّت جي پرهيزگارن کي خاص رحمت ڏني ويندي آهي ۽ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اڃا دنيا ۾ تشريف ڪٽي به نه آيا هئا، سندن اُمّت کي به ڪيئي سال بعد پيدا ٿيڻو هو، ربِّ ڪائنات ان ڪان پهريان ئي اعلان فرمائي ڇڏيو: اي موسٰي! اسان پنهنجي محبوب جي غلامن کي صرف خاص رحمت ئي نه بلڪ خاصُ الخاص رحمت به عطا فرمائينداسين.

سُبْحٰنَ الـلّٰـه! اعلٰي حضرت جو ڀاءُ، مولانا حسن رضا خان صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيه ڇا ته خوب چيو آهي:

| | |
|---|---|
| کسی کو کسی سے ہوئی ہے نہ ہو گی | خُدا کو ہے جتنی محبت کسی کی[1] |

وضاحت: جهڙيءَ طرح الله پاڪ جي ذات ۽ صفات بي مثل آهن اهڙيءَ طرح الله پاڪ جي پنهنجي محبوب سان محبت به بي مثل آهي جو ڪائنات ۾ ڪنهن به ڪنهن سان اهڙي محبت نه ڪئي هوندي جهڙي محبت الله پاڪ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن سان فرمائي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڃا هي ڳالهه هتي پوري ناهي ٿي، اڃان بيان جاري آهي، الله پاڪ فرمايو: اي موسٰي! اسان جي آخري نبي جي غلامن کي خاصُ الخاص رحمت ملندي، هاڻي اهي آخري نبي صَلَّى الله عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪير آهن؟ اُن جي بيان ۾ الله پاڪ حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام کي پنهنجي محبوب نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون 9 صفتون ٻڌايون، ارشاد ٿيو:

1 ... ذوقِ نعت ،صفحہ:234۔

اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ وَ الْاِنْجِيْلِ٘ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ يُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَ يُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓىِٕثَ وَ يَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَ الْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ٘ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَ عَزَّرُوْهُ وَ نَصَرُوْهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْۤ اُنْزِلَ مَعَهٗۤ٘ۙ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (۱۵۷)

(سيپارو: 9، سورة اعراف: آيت157)

ترجمو ڪنزالعرفان: اهي جيڪي ان رسول جي پيروي ڪن جيڪي غيب جون خبرون ڏيڻ وارا آهن، جيڪي ڪنهن کان پڙهيل ناهن، جنهن کي هي (ڪتاب وارا) پاڻ وٽ توريت ۽ انجيل ۾ لکيل ڏسن ٿا، اهي انهن کي ڀلائيءَ جو حڪم ڏين ٿا ۽ انهن کي برائيءَ کان منع ڪن ٿا ۽ انهن جي لاءِ پاڪ شيون حلال فرمائن ٿا ۽ خراب شيون انهن تي حرام ڪن ٿا ۽ انهن جي مٿن کان اهو بار ۽ ڳچيءَ جا ڳٽ لاهن ٿا جيڪي انهن جي مٿان هئا پوءِ اهي ماڻهو جيڪي ان نبيءَ تي ايمان آڻين ۽ ان جي تعظيم ڪن ۽ ان جي مدد ڪن ۽ ان نور جي پيروي ڪن جيڪو ان سان گڏ نازل ڪيو ويو ته اهي ئي ماڻهو ڪامياب ماڻهو وارا آهن.

يعني اُهو آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪير آهي؟ اي موسٰي! (1): هُو اَلرَّسُول (يعني خاصُ الخاص) رسول آهي، تمام رسولن کي رسالت انهيءِ جي صدقي عطا ڪئي وئي آهي (2): **اي موسٰي! اسان جا پيارا محبوب اَلنَّبي يعني غيب جون خبرون ٻڌائڻ وارا** (خاصُ الخاص) نبي به آهن، سندن کان علاوه جيترا نبيءَ آهن، سڀني کي نبوت جو تاج انهن جي صدقي عطا ڪيو ويو آهي (3): اي موسٰي! **اُهي اُمِّي به آهن**، اُمُّ القرٰي (مڪي شريف ۾ تشريف ڪٽي ايندا)، دنيا ۾ ڪنهن جي شاگردي، ڪنهن جي مريدي ۽ ڪنهن کان فيض وٺڻ جو داغ

انهن جي دامن تي نہ هوندو، ان جي باوجود شان هي هوندو جو دنيا جا وڏا وڏا عالِمَ، وڏا وڏا فاضل، وڏا واڏا فلاسفر سندن جي شاگردي جي لاءِ ترسندا.[1] (4): اي موسٰي! اسان جي محبوب (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ) جا پاڪيزه نالا، ان جا اعلٰي گُڻ، ايستائين جو سندن حُليو مبارڪ تورات ۾ بہ موجود آهي، انجيل ۾ بہ هوندو، سندن نالا، اوصاف، احوال بني اسرائيل کي ياد هوندا (5): هو ماڻهن کي چڱي ڳالهين جو حڪم ڏيندا (6): بري ڳالهين کان منع ڪندا (7): هو سنيون شيون جيڪي بني اسرائيل تي انهن جي سرڪشي جي وجھ سان حرام ڪيون ويون آهن، اسان جا محبوب انهن کي حلال ڪري ڇڏيندا (8): اهي شيون جيڪي بني اسرائيل جي لاءِ عارضي طور تي حلال ڪيون ويون آهن، جيئن شراب وغيره اسان جا محبوب (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ) انهن کي هميشہ جي لاءِ حرام ڪري ڇڏيندا (9): اي موسٰي! اسان جا محبوب نبي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ) بني اسرائيل تان وزن لاهي ڇڏيندا يعني اهي سخت شرعي احڪام جيڪي بني اسرائيل کي ڏنا ويا جيئن ناپاڪ ڪپڙي کي ڪٽي ڇڏڻ، جنهن عضوي کان گناهہ ٿيو، ان کي ڪٽي ڪري جسم، کان جدا ڪري ڇڏڻ وغيره، اهڙن احڪامن ۾ پنهنجي امّت جي لاءِ نرمي فرمائي ڇڏيندا. مطلب تہ اسان جا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ مشڪلات حل فرمائڻ وارا، دافِعِ بلِيَّات (آفتون دور ڪرڻ وارا) هوندا.

اي موسٰي! بني اسرائيل يا دنيا جو ڪو بہ شخص جيڪڏهن اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ تي ايمان آڻيندو، سندن ذات، نالن جي، ڪم يا سندن سان نسبت رکڻ واري ڪنهن شيءِ جي تعظيم ڪندو، انهن جي دين جي جان، مال يا ڪنهن طرح سان خدمت ڪندو، پاڻ سان گڏ نازل ٿيڻ واري نور (مثال طور قرآنِ ڪريم يا حديث شريف) جي پيروي ڪندو، اهڙو شخص دنيا ۾، مرڻ وقت، قبر ۾ هميشہ هر طرح ڪامياب ٿي ويندو.[2]

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! هاڻي هتي غور فرمايو! مقام ڪهڙو آهي؟

---

1 … تفسير نعيمی،پاره:9،سورهٔ اعراف،تحت الآية:157، جلد:9، صفحه:277 ماخوذاً۔

2 … تفسير نعيمی،پاره:9،سورهٔ اعراف،تحت الآية:157، جلد:9، صفحه:277 ماخوذاً۔

ڪوهِ طور، دنيا جي افضل ترين جبلن مان هڪ، اهو جبل جنهن تي الله پاڪ پنهنجي تجلّي نازل فرمائي. ان مقام تي تذڪرو ڇا ٿي رهيو آهي؟ محبوبِ خدا، سرورِ انبيا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون نعتون، پاڻ جا اعليٰ گڻ. هي سڀ بيان فرمائڻ وارو ڪير آهي؟ خود ربِّ ڪائنات، ٻڌڻ وارو ڪير آهي؟ اُولُو العزم نبي، حضرت موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيْهِ السَّلَام .

جڻ ڪوهِ طور تي محفلِ ذڪرِ مصطفيٰ سڄي آهي، الله پاڪ پنهنجي محبوب جون نعتون ذڪر فرمائي ٿو، موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ٻڌي ٿو. پوءِ اسان ڇو نه چئون،

| | |
|---|---|
| سب سے اَوْلیٰ و اعلیٰ ہمارا نبی | سب سے بالا و والا ہمارا نبی |
| اپنے مولیٰ کا پیارا ہمارا نبی | دونوں عالَم کا دولہا ہمارا نبی |
| جیسے سب کا خُدا ایک ہے ویسے ہی | اِن کا اُن کا تمہارا ہمارا نبی |
| مُلکِ کونین میں انبیاء تاجدار | تاجداروں کا آقا ہمارا نبی |

## ميلاد جي محفل ڪڏهن ڪري سگهون ٿا؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ربيعُ الاول شريف ۾ ته ميلاد جون محفلون سجايون ٿيون وينديون آهن پر قربان وڃو! الله پاڪ عاشقانِ رسول کي نرالو مزاج عطا فرمايو آهي، هي ميلاد جي محفل جي لاءِ ربيعُ الاول جو انتظار ناهن ڪندا. سڄو سال ئي محفلون سجائيندا رهندا آهن ❁ ڪنهن کي شادي تي محفل ڪرائڻي هجي، ان جي اشتهار تي به لکندا آهن: **محفلِ ميلادِ مصطفيٰ** ❁ ڪنهن کي رمضان ۾ برڪت جي لاءِ محفل ڪرائڻي هجي، تڏهن به **محفلِ ميلادِ مصطفيٰ** ❁ رجب ۾ محفل هجي، تڏهن به **محفلِ ميلادِ مصطفيٰ** مطلب ته، عاشقانِ ميلاد سڄو سال ئي ميلاد ملهائيندا رهندا آهن.

ڪجھ ماڻهو ان تي تنقيد ڪندي چوندا آهن ته آخر هي **ميلاد جي محفل** جو ڪهڙو موقعو آهي؟ شادي آهي، محفل ڪرڻي آهي، ڪيو! پر ان کي محفلِ

ميلاد چو چوندا آهيو؟ ان موقعي تي ذڪرِ مصطفٰي چو ڪندا آهيو؟

اهڙي تنقيد ڪرڻ وارن جي خدمت ۾ هڪ سادو سوال آهي: حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام 70 ماڻهن کي وٺي ڪوهِ طور تي ويا، انهن 70 ماڻهن گستاخي ڪئي، انهن تي عذاب آيو، حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام رحمت جي دعا گهري، هاڻي ٻڌايو! هي ذڪرِ مصطفٰي جو ڪهڙو موقعو آهي؟ ان سڄي واقعي ۾ اهو ڪهڙو پهلو آهي جيڪو تقاضا ڪري ٿو ته ذڪرِ مصطفٰي به ڪيو وڃي؟ پر قربان وڃو! الله پاڪ کي پنهنجي محبوب (صَلَّی اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) سان محبت ئي ڪجهه اهڙي آهي، ڳالهه رحمت جي ٿي هئي، حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام پنهنجي اُمّت جي لاءِ رحمت گهري هئي، الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪر فرمائي ڇڏيو ۽ پوءِ ذڪر به ايئن نه جو صرف چئي ڇڏجي: اي موسٰي! خاصُ الخاص رحمت اُمّتِ مصطفٰي کي ملندي. نه! نه...!! ذڪر محبوب جو هجي ته ڳالهه مختصر ناهي ڪئي ويندي، محبوب جو ذڪر تفصيل سان ئي ڪيو ويندو آهي، اللّٰه پاڪ به پنهنجي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪر تفصيل سان ڪيو، هڪ، ٻه نه پورا 9 گُڻ بيان فرمايا، پوءِ محبوب جي غلامن جو شان بيان فرمايو.

سُبْحٰنَ اللّٰہ! هن مان خبر پئي، محبوب جو ذڪر ڪرڻ جي لاءِ موقعي يا مهل کي ناهي ڏٺو ويندو بلڪ موقعا تلاش ڪيا ويندا آهن، ذڪر محبوب جي لاءِ پاڻ پهلو ڳولهيا ويندا آهن، ڳالهه ڳالهه تي ذڪرِ محبوب ڪيو ويندو آهي.

چار سُو ہیں کیا چھما چھم رحمتوں کی بارشیں
جھومتے ہیں ابرِ باراں عیدِ میلادُ النَّبی

چار جانِب دُھوم ہے سرکار کے مِیلاد کی
جھومتا ہے ہر مسلماں عیدِ میلادُ النَّبی

عیدِ میلادُ النَّبی پر جو بھی کرتا ہے خوشی
اس پہ غُرّاتا ہے شیطاں عیدِ میلادُ النَّبی

## ذڪرِ محبوب ۽ قرآن جو طريقو

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو تمام پيارو طريقو آهي ته قرآنِ ڪريم ۾ ڳالهه ڳالهه تي ذڪرِ مصطفٰي ڪيو ويو آهي، توهان کي ٻڌي ڪري خوشي

ٽيندي ته هڪ قول جي مطابق قرآنِ ڪريم جون ڪُل 6 هزار 2 سؤ 36 آيتون آهن[1] انهن 6 هزار 2 سؤ 36 آيات ۾ 7 هزار پيرا باقاعده لفظن ۾ **ذڪرِ مصطفٰي** ڪيو ويو آهي.[2]

قرآنِ ڪريم ۾ ڳالهه ڳالهه تي ذڪرِ مصطفٰي ٿيو آهي، ان جو صرف هڪ مثال پيش ڪريان ٿو:

سورة نَبَا 30 هين سيپاري جي پهرين سورت آهي، ان سورت جي شروع کان آخر تائين قيامت جو بيان آهي، قيامت ڪيئن ايندي؟ ان جا دليل بيان ٿيا، پوءِ جڏهن قيامت ايندي ته مجرمن کي سزا ڪهڙي ملندي؟ تقوٰي وارن کي انعامات ڇا ڇا ملندا؟ انهن سڀني جو تفصيل سان بيان آهي، ان سورتِ مبارڪ جي ٻي رڪوع ۾ الله پاڪ جنّت جون نعمتون بيان ڪرڻ کان بعد فرمايو:

| | |
|---|---|
| جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً حِسَابًا ﴿۳۶﴾<br>(سيپارو: 30، سورة نَبَا: آيت 36) | ترجموڪنزالعرفان: (هي) بدلو آهي تنهنجي رب جي طرف کان نهايت ڪافي عطا. |

هتي هڪ سوال ذهن ۾ اچي ٿو، ته ڳالهه هلي هئي قيامت جي، ذڪر هي آهي ته تقوٰي وارن کي جنّت ۾ انعام ڇا ڇا ملندا، ان تي اللّٰه پاڪ مِنْ رَّبِّكَ جو فرمايو؟ جنّتين جو انعام ٻڌائڻو هو، چيو وڃي ها: هي سڀ رحمٰن جي عطا آهي، هي ربُّ الْعالمين جي طرف کان جزا آهي، ربِّ ڪائنات جون ڪوڙ صفتون آهن، انهن مان ڪو صفاتي نالو ذڪر ڪيو ويندو آهي، آخر ۾ مِنْ رَّبِّكَ ئي ڇو فرمايو؟ پوءِ ربّ ئي چوڻو هو ته ربُّ العالمين به چئي سگهبو ٿي، مِنْ رَّبِّكَ (يعني اي محبوب! اوهان جي ربّ جي طرف کان) ئي ڇو ارشاد فرمايو؟

حضرت علّامه محمود آلوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جو جواب ڏنو آهي، فرمائن ٿا: لِتَشْرِيفِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ يعني ان مقام تي (جڏهن ته ذڪر قيامت جو هو، تقوٰي وارن

1 … بصائر ذوی التمييز ،باب الاول،بصير ة فی مجملات السورة،جلد:1 ،صفحه:559۔

2 … بصائر ذوی التمييز ،باب الثلاثون،بصير ة فی ذکر نبينا ،جلد:6،صفحه:17۔

ڪي جنّت ۾ ملڻ وارا انعام بيان ٿي رهيا ها) ربِّ ڪريم مِنْ رَّبِّكَ فرمائي ڪري پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شرف ۽ فضليت کي بيان فرمايو آهي.(1)

جڻ تہ ان ۾ ڪافرن کي ٻڌايو پيو وڃي تہ اي ڪافرؤ! توهان جا هي ڪوڙا خدا توهان کي ڪجھ نہ ٿا ڏئي سگهن، جهنّم کان بچائڻ ۽ جنّت عطا فرمائڻ ان سچي خدا جي عنايت آهي جنهن جي بارگاھ ۾ محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سجدو ڪن ٿا، تنهنڪري

آج لے اُن کی پناہ، آج مدد مانگ اُن سے    پھر نہ مانیں گے قِیامت میں اگر مان گیا

سُبْحٰنَ اللّٰه! غور فرمايو! ڳالھ هئي قيامت جي، ذڪر هو اهلِ جنّت جي نعمتن جو، الله پاڪ مِنْ رَّبِّكَ فرمائي ڪري اهلِ جنّت وارن تي ٿيڻ وارين عطائن جو بہ ذڪر ڪري ڇڏيو ۽ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فضيلت بيان فرمائي ڇڏي، اهڙيءَ طرح جا هزارين مثال قرآنِ ڪريم ۾ موجود آهن، انهن سيني مان خبر پئي ٿي تہ ڳالھ ڳالھ تي ذڪرِ مصطفٰي ڪرڻ قرآن ڪريم جو طريقو آهي. ان ڪري تہ قرآنِ ڪريم کان نعت بيان ڪرڻ سکڻ وارا، اسان جا آقا اعلٰي حضرت، امامِ اهلِ سنّت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

خاک ہو جائیں عَدو جل کر مگر ہم تو رضاؔ    دَم میں جب تک دَم ہے ذِکر اُن کا سُناتے جائیں

## ماهِ ميلاد جي آمد! مرحبا...!!

اي عاشقانِ رسول! جڏهن مزاجِ عشق ئي اهو آهي تہ ڳالھ ڳالھ تي ذڪر محبوب ڪيو وڃي، هاڻي تہ وري آهي ئي ذڪرِ محبوب جو مهينو. هي تہ اهو مبارڪ مهينو آهي، جنهن جو چنڊ نظر ايندي ئي سهڻيون گهڙيون ياد اچڻ لڳنديون آهن، ❁ جڏهن مڪي پاڪ تي نور ڇانيل هو ❁ تارا زمين ڏي مائل هئا ❁ دنيا ۾ روشنيون پکڙجي رهيون هيون ❁ آسمانن جا دروازا کوليا ويا هئا ❁

1 ...تفسر روح المعانى،پاره:30 ،سورة نبا،تحت الآية:36 ، جز:30 ،جلد:15، صفحه:305۔

ملائڪ قطارون ڪري حاضر ٿي رهيا هئا ۞ مشرق ۽ مغرب ۽ ڪعبي جي ڇت تي جهنڊا کوڙيا ويا هئا ته بلڪل صبح صادق جي وقت حضرت بيبي آمنه رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہا جي حويلي پاڪ ۾ هڪ نور چمڪيو ۞ عالَمِ ڪفر ۾ هڪ هلچل مچي وئي ۞ ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو، 14 ڪُنگُرا ڪري پيا ۞ ايران جو آتش ڪَدو (اها جاءِ جتي باهه جي پوڄا ٿيندي هئي) جيڪو 1 هزار سالن کان روشن هو، اهو وسامي ويو ۞ درياءِ ساوَه خشڪ ٿي ويو ۞ ڪعبي کي وجد آيو ۽ بتَ مٿي ڀَر اونڌا ڪري پيا.

تيری آمد تھی کہ بيتُ الله مُجرے کو جُھکا | تيری ہَيبت تھی کہ ہر بُت تھر تھرا کر گِر گيا (1)

وضاحت: يارسول الله صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اوهان جي ولادت ٿيندي ئي الله پاڪ جو گهر (يعني ڪعبو شريف) جنهن جي طرف ماٿهو جهڪندا هئا، اڄ اهو اوهان صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ نهايت ئي احترام سان سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ جهڪي ويو ۽ ڪعبي شريف جي اندر رکيل 360 بتن تي اوهان صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو اهڙو رعب ۽ خوف طاري ٿيو جو اهي سڀ منهن ڀَر اونڌا ڪري پيا.

اي عاشقانِ رسول! هن ماهِ مبارڪ ربيعُ الاول جي ايندي ئي انهن سهڻين گهڙين، نوراني گهڙين جي ياد اچڻ لڳندي آهي، هن مبارڪ مهيني ۾ ته پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن دنيا ۾ تشريف کڻي آيا هئا.

جڏهن قرآن جو طريقو به اهو ئي آهي، عشق جو مزاج به هيءُ ئي آهي ته ڳالهه ڳالهه تي ذڪرِ محبوب ڪيو وڃي پوءِ ٻڌايو! هن مهيني مبارڪ ۾ عاشقانِ رسول جهومي جهومي ڪري ذڪر محبوب جون محفلون ڇو نه سجائيندا؟ ڇو نه هن مهيني ۾ گهر گهر سجاوٽون ٿينديون؟ ها! ها! ذڪرِ محبوب ٿيندو، ضرور ٿيندو، جشنِ ولادت جي خوشيءَ ۾ اسان خوب قرآنِ پاڪ جي تلاوت به ڪنداسين، درودِ پاڪ جي ڪثرت پڻ ڪنداسين، گهر به سجائينداسين، چراغان به ڪنداسين ۽ ذوق ۽ شوق سان ميلاد جون محفلون به سجائينداسين، پنهنجو

1 ... حدائقِ بخشش، صفحه:52 .

ظاهر ۽ باطن پڻ سجائڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ جهومي جهومي ڪري آمدِ مصطفٰي جا نعرا بہ لڳائينداسين.

| | |
|---|---|
| منائیں گے خوشی ہم حَشْر تک جشنِ ولادت کی | سجاوٹ اور کرنا روشنی ہرگز نہ چھوڑیں گے |
| اگرچہ جان بھی اس راہ میں قربان ہو جائے | مگر نعتِ نبی پڑھنا کبھی ہرگز نہ چھوڑیں گے |
| نبی کے نام پر سو جان سے قربان ہو جائیں | غلامانِ نبی ذکرِ نبی ہرگز نہ چھوڑیں گے (1) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| حُضُور کی آمد! | مرحبا! | غَیُّور کی آمد! | مرحبا! |
| پُرنور کی آمد! | مرحبا! | داتا کی آمد! | مرحبا! |
| مولیٰ کی آمد! | مرحبا! | پیارے کی آمد! | مرحبا! |

## گهر گهر ميلاد جي محفل سجايو!

اي عاشقانِ رسول! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ميلاد پاڪ آهي، هر گهر سجايو! گهٽيون بہ سجايو! خوب ڌومون مچايو! الحمد لله! عام طور عاشقانِ رسول جي تقريباً هر مسجد ۾ محفلِ ميلاد ٿيندي آهي، ان سان گڏوگڏ ڪوشش ڪريو تہ ڪو امير هجي يا غريب هر عاشقِ رسول پنهنجي گهر ۾ بہ محفلِ ميلاد جو اهتمام ڪري. جنهن کي الله پاڪ استطاعت ڏني آهي، اُهو ڀلي وڏي محفلِ پاڪ جو اهتمام ڪري ۽ جيڪي غريب آهن، اهي بہ پنهنجي استطاعت مطابق گهر ۾ محفلِ پاڪ جو اهتمام ڪن، توڙي جو مختصر پروگرام ڪري ونن پر محفلِ ميلاد لازمي سجائن. ڪا مشڪل نہ آهي، پنهنجي گهر ۾ جتي سهولت هجي پردي جي اهتمام سان جڳهہ خاص ڪريو! پاڙي وارا گهٽا نہ 8، 10 اسلامي ڀائرن کي دعوت ڏئي ونو! پاڙي واري مسجد جي عاشقِ رسول امام صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪريو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! هُو ذڪرِ محبوب جي لاءِ منع نہ

1 ...وسائل بخشش، صفحہ:414-415.

ڪندا، مختصر تلاوت هجي، هڪ، ٻه نعتون پڙهي ونو! امام صاحب 15، 20 منٽن جو بيان ڪن، جيڪڏهن امام صاحب يا ڪنهن عاشقِ رسول مبلغ جي ترڪيب نه ٻه ٺجي سگهي تڏهن به مشڪل نه آهي، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو رسالو آهي: صبح بهاران، اهڙيءَ طرح مڪتبة المدينه جا ٻيا ٻه ڪيئي رسالا آهن جهڙوڪ **سياه فام غلام، ٻهيانڪ اُٺ، پوڙهو پينو، نور وارو چهرو، نور جو رانديڪو، عاشقِ ميلاد بادشاه** انهن مان ڪو ٻه رسالو يا **شانِ مصطفيٰ تي 12 بيانن وارو مختصر ڪتاب** حاصل ڪريو! يا دعوت اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تان مفت ڊاؤن لوڊ ڪري ونو! پاڻ ئي پڙهي ڪري ٻڌايو! بيان تي ويندو، آخر ۾ پنهنجي استطاعت جي مطابق ڪيرٽي وغيره ورهائي ونو! جيڪڏهن ڪيرٽي وغيره به ميسّر نه هجي ته ڪا ڳالهه ناهي، جيڪو هجي، اهو ئي سهي، ميلاد ملهائڻ جي لاءِ لنگر يا ڪيرٽي وغيره ضروري به ناهي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پئسا ۽ اهتمام نه بلڪ دل جو اخلاص قبول ٿيندو آهي. تنهنڪري الله پاڪ جيڪا توفيق بخشي آهي، محفل ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سڄو سال گهر ۾ برڪت رهندي.

## ميلاد ملهائڻ به تعظيمِ مصطفيٰ ۾ شامل آهي

سيپارو: 26 سورة فتح، آيت: 8 ۽ 9 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۸﴾ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۹﴾

(پاره:26،سورة فتح:8 - 9)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ اسان توهان کي گواهه ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄاريندڙ بڻائي ڪري موڪليو ته جيئن (اي انسانو!) توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ توقير ڪريو ۽ صبح ۽ شام الله پاڪ جي پاڪائي بيان ڪريو

هن آيتِ ڪريمه ۾ الله پاڪ اسان مسلمانن کي رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوب تعظيم ۽ توقير جو حڪم ڏنو آهي، علّامه اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ميلاد جي محفل سجائڻ به پاڻ جي تعظيم ۽ توقير ۾ شامل آهي.(1)

| | |
|---|---|
| ذکرِ میلادِ مبارک کیسے چھوڑیں ہم بھلا | جن کا کھاتے ہیں اُنھی کے گیت گاتے جائیں گے |
| مُنْعَقِد کرتے رہیں گے اجتماعِ ذکر و نعت | دھوم اُن کی نعت خوانی کی مچاتے جائیں گے |

## جشنِ ولادت ملهائڻ جو ثواب

شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ وارن جي جزا هي آهي ته الله پاڪ انهن کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان جنّاتُ النّعيم ۾ داخل فرمائيندو ❁ مسلمان هميشه محفلِ ميلاد سجائيندا، ولادت جي خوشي ۾ دعوتون ڏيندا، ڪاڌا پچائيندا ۽ خوب صدقو ۽ خيرات ڏيندا آيا آهن ❁ ولادتِ مصطفٰي جي موقعي تي خوب خوشي جو اظهار ڪيو ويندو آهي ❁راهِ خدا ۾ دل کولي خرچ ڪيو ويندو آهي ❁ پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادتِ باسعادت جي ذڪر جو اهتمام ڪيو ويندو آهي ❁ گهرن کي سجايو ويندو آهي ❁ انهن تمام چڱن ڪمن جي برڪت سان مسلمانن تي الله پاڪ جي رحمتن جو نزول ٿيندو آهي.(2)

## الله پاڪ فخر فرمائيندو آهي

اسلام جو پهريون بادشاهه، اميرِ سلطنتِ مصطفٰي، عظيم صحابيءِ رسول حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللّٰه عَنْه فرمائي ٿو: هڪ ڀيري صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰه عَنْهم حلقو ٺاهي ويٺا هئا ته سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف کڻي آيا، پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: مَا اَجْلَسَكُمْ؟ يعني اي منهنجا صحابه! توهان هتي

1 …تفسير روح البيان، پاره:26، سورة فتح، تحت الآية:29، جلد:9، صفحه:56۔

2 …ما ثبت من السنة، صفحه:102 ملتقطاً۔

حلقو بڻائي ڇو ويٺا آهيو؟ عرض ڪيائون: جَلَسْنَا نَدْعُوْ اللهَ وَ نَحْمَدُہٗ عَلٰی مَا هَدَانَا لِدِيْنِهٖ وَ مَنَّ عَلَيْنَا بِكَ يعني يارسولَ الله صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! الله پاڪ اوهان کي موڪلي اسان تي جيڪو احسان فرمايو آهي، اسان کي دينِ اسلام جي هدايت نصيب فرمائي آهي، اسان ان نعمت تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪري رهيا آهيون ۽ دعائون ڪري رهيا آهيون.

پياري نبي، محمدِ عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻيهر پڇيو: ڇا توهان قسم کڻندؤ ته صرف انهيءَ مقصد جي لاءِ ويٺا آهيو؟ عرض ڪيائون: الله پاڪ جو قسم! اسان صرف انهيءَ مقصد جي لاءِ ويٺا آهيون. ان تي پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون قسم ان ڪري نه کڻايو ته مونکي توهان تي ڪو شڪ هو بلڪ معاملو هي هو ته هاڻي هاڻي جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام آيا ۽ ٻڌايو ته يا رسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! (اوهان جا صحابه اوهان جي آمد جي خوشيءَ ۾ ملي ڪري ويهي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪري رهيا آهن ۽) الله پاڪ فرشتن جي سامهون انهن تي فخر فرمائي رهيو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! آمدِ محبوب (صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ڪي پنهنجي حق ۾ الله پاڪ جو عظيم احسان مڃي ڪري، گڏ ويهي ڪري ان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ يا ٻين لفظن ۾ هيئن چئي ونو ته محفلِ ميلاد سجائڻ ڪيڏو فضيلت وارو ڪم آهي جو صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم هي ڪم ڪيو ته الله پاڪ ملائڪن جي سامهون انهن تي فخر فرمايو.

وہ لوگ خُدا شاہد قسمت کے سکندر ہیں
جو سرورِ عالَم کا میلاد مناتے ہیں

## ميلادِ مصطفيٰ جي محفل جون برڪتون

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ❁ميلاد ملهائڻ تعظيمِ مصطفيٰ جي هڪ صورت آهي ❁ ميلاد ملهائي ڪري مسلمان الله پاڪ جي هڪ وڏي نعمت (يعني پاڻ سڳورن

---

1 ... نسائی،کتاب آداب القضاۃ، کيف يستحلف الحاکم،صفحہ:861 حديث:5436۔

صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد) جو ذڪر ڪندا ۽ ان نعمت جو شڪر ادا ڪندا آهن ❁ ميلاد جي ذريعي سان وعظ ۽ نصيحت ڪئي ويندي آهي ❁ ميلاد جي برڪت سان دل ۾ **عظمتِ رسول** وڌندي آهي ❁ ميلاد جي برڪت سان عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ **عشقِ رسول** جي برڪت سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي ڇڻ ميلاد ملهائڻ ايمان جي مضبوطيءَ جو ذريعو آهي ❁ ذڪرِ مصطفٰي جي محفل تي رحمت جا ملائڪ نازل ٿيندا آهن ❁ ۽ ميلاد جي برڪت سان دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون ملنديون آهن.[(1)]

❁ **امام جلالُ الدّين سيوطي شافعي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا:** جنهن گهر، مسجد يا پاڙي ۾ ميلاد شريف پڙهيو وڃي ❁ ملائڪ ان گهر، مسجد ۽ پاڙي کي گهيري وٺندا آهن❁ ۽ ملائڪن جا سردار يعني حضرت جبريل، حضرت ميڪائيل، حضرت اسرافيل ۽ حضرت عزرائيل عَلَيهِمُ السَّلَام ميلاد شريف پڙهڻ وارن جي لاءِ رحمت ۽ رضوان جي دعا ڪندا آهن ❁ جنهن گهر ۾ ميلاد شريف پڙهيو وڃي ❁ الله پاڪ ان گهر کي ڏڪار ❁ وبائي بيمارين ❁ باهه لڳڻ ❁ ٻڏڻ ۽ اهڙي ڪوڙ آفات کان محفوظ رکندو آهي ❁ ان گهر ۾ رهڻ وارن کي بُغض ۽ حسد کان ❁ بري نظر کان❁ ۽ چوري وغيره جي خطري کان بچائيندو آهي ❁ ۽ ان گهر وارن مان ڪو ماڻهو وفات ڪري وڃي ته ان تي نڪيرين (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارن ملائڪن) جي سوالن جا جواب آسان ڪيا ويندا آهن.[(2)] ❁ **حضرت خواجہ جنيد بغدادي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا:** محفلِ ميلاد شريف ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ان محفل جي عزت ۽ تڪريم ڪرڻ سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي.[(3)] ❁ **حضرت سِرّي سقطي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **فرمايو:** جيڪو محفلِ ميلاد ۾ وڃڻ جو ارادو ڪري، اهو اصل ۾ جنّت جي باغن ۾ وڃڻ جو ارادو ڪندو آهي، ڇوته محفلِ ميلاد صرف ۽ صرف محبتِ رسول جي وجهه سان ئي سجائي ويندي آهي ۽ رسولِ اڪرم، نورِ

---

1 … ميلادُ النبی منانا امتِ محمديہ کا متفقہ عمل ،صفحہ:482 - 484۔

2 …نعمۃ الکبریٰ لابن حجر،صفحہ:7بتقدم و تاخر۔

3 …نعمۃ الکبریٰ لابن حجر،صفحہ:6 ۔

مجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: مَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جيڪو مون سان محبت ڪري، اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1) ❁ علّامہ قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ❁ ميلاد ملهائڻ جي برڪت سان سڄو سال گھر ۾ اَمُن رهندو آهي ❁ مقصدن جي حاصلات جي لاءِ ميلاد ملهائڻ واري کي خوشيون ملنديون ۽ دل جون مرادون پوريون ٿينديون آهن. (2)

تیرا کھاواں میں تیرے گیت گاواں یَارسولَ اللہ — تیرا میلاد میں کیوں نہ مناواں یَارسولَاللہ

## ميلاد شريف جي برڪت سان شفا ملي وئي

حضرت ميان غلام حيدر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بلوچستان جو هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي، سندس هڪ مريد هو، ان جو نالو هو: جمعو. ڍهاڍر شهر جو رهاڪو هو، ان کي عالم سڳورن جا لکيل ميلاد نامہ پڙهڻ جو تمام گھڻو شوق هو. هڪ ڀيري حضرت ميان غلام حيدر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪنهن ڪم سان گڏ ڍهاڍر شهر تشريف کڻي آيا، سندن جا مريدَ پاڻ سان ملڻ جي لاءِ حاضر ٿيا پر جمعو نالي شخص نہ آيو، ميان صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه معلومات ورتي تہ خبر پئي تہ اهو ٻن سالن کان بيمار آهي ۽ ان جا پير سُڪي چُڪا آهن، هلڻ ڦرڻ کان لاچار آهي. ميان صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي گھرايو ۽ فرمايو: اڄ رات ميلاد نامو پڙهو! الله پاڪ خير فرمائيندو. مريد پير جي فرمان تي لَبَّيْڪ چيو ۽ پوري يقين سان سڄي رات ميلاد شريف پڙهندو رهيو، الله پاڪ ان تي ڪرم فرمايو، صبح جي وقت ان اٿڻ چاهيو تہ لٽ جي سهاري پاڻ ئي اٿي ويو، ميلاد شريف پڙهڻ جي برڪت سان ان کي شفا ملي وئي ۽ اهو پاڻ پنهنجي پيرن تي هلي ڪري گھر پهتو.

جس وقت کوئی مرحلہ دُشوار آگیا — اُس وقت کام سیّدِ ابرار آگیا
برسیں گھٹائیں رحمتوں کی جھوم جھوم کر — رحمت سراپا جب مرا سردار آگیا

1 …نعمة الکبریٰ لابن حجر،صفحہ:7۔
2 … شرح زرقانی ،المقصد الاول،ذکر رضاعہ ،جلد:1،صفحہ:262 ۔

## ميلادِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هڪ اهم برڪت

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ ڪلهه جيڪو ماحول آهي، اسلام جا دشمن پوري طاقت سان اسلام کي مٽائڻ ۽ دلين مان عشقِ رسول جي شمع وسائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن، اهڙي صورتحال ۾ خوب جوش ۽ جذبي سان ميلاد شريف ملهائڻ وڏيڪ اهميت رکي ٿو ته ميلادِ مصطفٰي ملهائڻ سان هڪ ته دلين ۾ محبتِ رسول وڌندي آهي، ٻيو هي ته ميلادِ مصطفٰي جي برڪت سان ڪافرن تائين هي پيغام ويندو آهي ته مسلمان اڄُ به پنهنجي آقا ۽ موليٰ، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان بي پناهه محبت ڪن ٿا، جيڪي ميلاد جون محفلون سجائڻ ۽ گهر، گهٽيون، پاڙو سجائڻ جي لاءِ لکين ڪروڙين رپيا خرچ ڪري سگهن ٿا، اهي مصطفٰي جي نالي تي تَن، مَن، ڌَن لٽائڻ کان هرگز پوئتي نه هٽندا، ايئن مسلمانن جي اسلام ۽ پيغمبرِ اسلام سان محبت جو اظهار ٿيندو آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته جشنِ ولادت جو ڪافرن جي دلين تي اهڙو اثر ٿيندو آهي جو هُو ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويندا آهن.

## غير مسلمن کي ايمان جي دولت ملي وئي

حضرت عبد الواحد بن اسماعيل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مصر ۾ هڪ عاشقِ رسول رهندو هو، ربيعُ الاول شريف ۾ اللّٰه پاڪ جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو خوب جشنِ ولادت ملهائيندو هو هڪ ڀيري ربيعُ الاول شريف جي مهيني ۾ سندس پاڙيسري يهودياڻيءَ پنهنجي مڙس کان پڇيو ته اسان جو مسلمان پاڙيسري هن مهيني ۾ هر سال خصوصي دعوت وغيره جو اهتمام ڇو ڪندو آهي؟ يهوديءَ ٻڌايو ته هن مهيني ۾ ان جي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت ٿي هئي تنهنڪري هي سندن جشنِ ولادت ملهائيندو آهي ۽ مسلمان هن مهيني جي ڏاڍي تعظيم ڪندا آهن. ان تي يهودياڻيءَ چيو: واهه! مسلمانن جو طريقو به ڏاڍو پيارو آهي جو هي پنهنجي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هر سال جشنِ ولادت

ملهائيندا آهن. اها يهودياڻي جڏهن رات سُتي تہ سندس ستل قسمت جاڳي پئي خواب ۾ ڇا ٿي ڏسي تہ هڪ تمام حسين ۽ خوبصورت بزرگ تشريف ڪٺي آيو آهي، چوڌاري ماڻهن جو ميڙ آهي، ان اڳتي وڌي ڪري هڪ شخص ڪان پڇيو: هي بزرگ ڪير آهن؟ ان ٻڌايو: هي نبي آخرُ الزّمان، رحمتِ عالميان، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ آهن، پاڻ ان لاءِ تشريف ڪٺي آيا آهن تہ جيئن توهان جي مسلمان پاڙيسريءَ ڪي جشنِ ولادت ملهائڻ تي خير ۽ برڪت عطا فرمائن ۽ ان سان ملاقات فرمائن ۽ ان تي خوشيءَ جو اظهار ڪن. يهودياڻيءَ وري پڇيو: ڇا توهان جا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي ڳالهہ جو جواب ڏيندا؟ ان جواب ڏنو: ”جي ها“ ان تي يهودياڻيءَ سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کي پڪاريو، پاڻ ڪيس جواب ۾ ”لبيڪ“ فرمايائون، هوءَ تمام گهڻو متاثر ٿي ۽ چوڻ لڳي مان تہ مسلمان ناهيان، توهان پوءِ بہ مونکي لبيڪ چئي جواب ڏنو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اللّٰہ جي طرفان مونکي ٻڌايو ويو آهي تہ تون مسلمان ٿيڻ واري آهين، ان تي هوءَ بي اختيار چوڻ لڳي: بيشڪ توهان نبي ڪريم ۽ خلق عظيم جا مالڪ آهيو جيڪو توهان جي نافرماني ڪري اهو هلاڪ ٿيو ۽ جيڪو توهان جي مانَ ۽ مرتبي کي نہ ڄاڻي اهو ناڪام ۽ نامراد ٿيو پوءِ هن ڪلمو شهادت پڙهيو ۽ مسلمان ٿي وئي.

هاڻي هن جي اک کلي وئي ۽ هوءَ سچي دل سان مسلمان ٿي وئي ۽ هن هي طئي ڪيو تہ صبح جو اٿي سڄي ملڪيت اللّٰہ جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي جشنِ ولادت جي خوشيءَ ۾ لٽائي ڇڏيندس ۽ خوب خيرات ڪنديس، جڏهن صبح جو اُٿي تہ سندس مڙس ڪاڏي جي دعوت جي تياري ۾ مشغول هو، ان حيرت منجهان پڇيو توهان هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ان چيو ان ڳالهہ جي خوشيءَ ۾ دعوت جو اهتمام تو ڪيان جو تون مسلمان ٿي چڪي آهين. پڇا ڪيائين توهان کي ڪيئن خبر پئي؟ ان ٻڌايو تہ مان بہ رات پاڻ سڳورن

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ تي ايمان آڻي چڪو آهيان.[1]

آمدِ سرکار سے ظلمت ہوئی کافور ہے | کیا زمیں، کیا آسماں، ہر سَمْت چھایا نور ہے[2]

## جشنِ ولادت ملهائڻ جا 12 مدني گُلَ

اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: (1): جشنِ ولادت جي خوشيءَ ۾ مسجدن، گهرن، دڪانن، سوارين تي ۽ پنهنجي پاڙي ۾ مدني جهندو هڻو ❁ خوب چراغان ڪيو ❁ پنهنجي گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن بلب ته ضرور روشن ڪيو ❁ ربيعُ الاول شريف جي ٻارهين جي رات ثواب جي نيّت سان ميلاد شريف جي اجتماع ۾ شرڪت ڪيو❁ ۽ صبح صادق جي وقت سبز سبز جهندو کڻي درود ۽ سلام پڙهندي اشڪبار اکين سان صبح بهاران جو استقبال ڪيو ❁ 12 ربيعُ الاول شريف جي ڏينهن ٿي سگهي ته روزو رکو جو اسان جا پيارا آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سومر شريف جو روزو رکي ڪري پنهنجي ولادت جو ڏهاڙو ملهائيندا هئا.[3]

(2) ڪعبةُ الله شريف جي نقشي (*Model*) ۾ معاذَ الله ڪتي ڪتي گڏين جو طواف ڏيکاريو ويندو آهي، هي گناه آهي. جهالت واري زماني ۾ ڪعبةُ الله شريف ۾ 360 بت رکيل هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فتح مڪ کان بعد ڪعبي شريف کي بتن کان پاڪ فرمائي ڇڏيو لهٰذا نقشي ۾ بہ بتَ (گڏيون) نہ هجڻ گهرجن، ان جي جڳهه تي پلاسٽڪ جا گلَ رکي سگهجن ٿا. (طوافِ ڪعبہ جي منظر جي تصوير جنهن ۾ چهرا واضح نظر نہ ٿا اچن ان کي مسجد يا گهر وغيره ۾ لڳائڻ جائز آهي، ها جنهن تصوير کي زمين تي رکي ڪري بيني بيني ڏسڻ سان چهرو واضح نظر اچي ان جو لڳائڻ ناجائز ۽ گناه آهي) (3): اهڙا

---

1 ·· تذڪرةُ الْواعظِين، صفحہ:598 و 600 بتغير قليل ـ

2 ··· وسائلِ بخشش، صفحہ:483 ـ

3 ··· مسلم،ڪتاب الصيام، باب استحباب صيام ثلاثة ،صفحہ:423،حديث:1162 ماخوذاً ـ

دروازا (*Gate*) لڳائڻ جائز نہ آهن جنهن ۾ جاندارن جون تصويرون نهيل هجن. جاندارن جي تصويرن جي مذمت ۾ 2 حديثون مبارڪ پڙهندا ۽ الله پاڪ جي خوف کان ڏڪندا: ۞ (رحمت جا) ملائڪ ان گهر ۾ داخل ناهن ٿيندا جنهن گهر ۾ ڪتو يا تصوير هجي.[1] جيڪو بہ (جاندار جي) تصوير ٺاهيندو الله پاڪ ان کي تيستائين عذاب ڏيندو رهندو جيستائين ان تصوير ۾ روح نہ ڦوڪي ۽ اهو ان ۾ ڪڏهن بہ روح نہ ڦوڪي سگهندو.[2] **(4)**: جشنِ ولادت جي خوشي ۾ ڪجھ جڳهن تي ڳائڻ هلايو ويندو آهي ايئن ڪرڻ گناهہ آهي. هن سلسلي ۾ 2 روايتون پيشِ خدمت آهن: ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون کي دهل ۽ بانسري ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.[3] حضرت ضحاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان روايت آهي: ڳائڻ دل کي خراب ۽ الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ وارو آهي.[4] **(5)**: نعت شريف بيشڪ هلايو پر آهستہ آواز ۾ ۽ هن احتياط سان جو ڪنهن عبادت ڪرڻ واري، سُتل يا مريض وغيره کي تڪليف نہ ٿئي ۽ اَذان ۽ نمازن جي وقتن جي بہ رعايت ڪيو. (عورت جي آواز ۾ نعت نہ هلايو) **(6)**:گهٽي يا رستي وغيره جي زمين تي هن طرح سجاوٽ ڪرڻ، جهندا هڻڻ جنهن سان رستي تي هلڻ ۽ گاڏي هلائڻ وارن مسلمانن کي تڪليف ٿئي ناجائز آهي **(7)**: چراغان ڏسڻ جي لاءِ عورتن جو اجنبي مردن ۾ بي پرده نڪرڻ حرام ۽ شرمناڪ آهي ۽ باپرده عورتن جو بہ هلندڙ انداز ۾ مردن ۾ اختلاط (يعني ميل جول هئڻ) نهايت ئي افسوسناڪ آهي. بجليءَ جي چوري بہ ناجائز آهي. لٰهذا هن سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪرڻ واري اداري سان رابطو ڪري جائز طريقي سان چراغان جي ترڪيب ٺايو **(8)**: ميلاد جي جلوس ۾ ڪوشش ڪري باوضو رهو، نمازِ باجماعت جي پابنديءَ جو خيال رکو. **عاشقانِ رسول نماز جي جماعت ترڪ ڪرڻ**

---

1 ... بخاری،کتاب بدء الخلق ،باب اذا وقع الذباب ،صفحہ:845 ، حدیث:3322۔

2 ... بخاری ،کتاب البیوع،باب بیع التصاویر ،صفحہ:572 ، حدیث:2225۔

3 ...مسند فِردَوس، جلد:1، صفحہ:398، حدیث:1608۔

4 ... تفسیرات احمدیہ،پارہ: 21 ،سورۂ لقمان ،تحت الآیۃ: 6 ،صفحہ:587۔

**وارا ناهن هوندا.** (9): ميلاد جي جلوس ۾ تانگو اٺ گاڏي نہ آڻيو چوتہ گهوڙي ۽ اٺ جي پيشاب ۽ لِڏ سان عاشقانِ رسول جا ڪپڙا وغيره ناپاڪ ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي. (10): جلوس ۾ مكتبةُ المدينہ جا رسالا خوب ورهايو، ڦل فروٽ وغيره ورهائڻ ۾ بہ اڇلڻ جي بدران ماڻهن کي هٿن ۾ ڏيو، زمين تي ڪرڻ ٽڙڻ ۽ پيرن هيٺان لتاڙڻ سان انهن جي بيحرمتي ٿيندي آهي. (11): پڙڪائيندڙ نعري بازي پُر وقار ميلاد جي جلوس کي هيڏانهن هوڏانهن ڪري سگهي ٿي، پُر اَمن رهڻ ۾ توهان جي پنهنجي ڀلائي آهي. (12): الله نہ ڪري جيڪڏهن ڪٿي ٿورو گهڻو پٿراءُ ٿي بہ وڃي تڏهن بہ جذبات ۾ اچي ڪري جوابي ڪاروائي نہ ڪيو جو هن طرح توهان جو جلوسِ ميلاد ٽڙ وِکڙ ٿي ويندو ۽ دشمن جي مراد پوري ٿي ويندي.(1)

غُنچے چٹکے، پُھول مہکے ہر طرف آئی بہار | ہو گئی صبحِ بہاراں عیدِ میلادُ النّبی (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

اي عاشقانِ رسول! دل ۾ عشقِ رسول وڌائڻ، نيڪ بنجڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو ذهن ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن ٺهبو. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: هفتيوار مدني مذاڪرو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر ڇنڇر جو نمازِ عشاء کان بعد مدني چينل

1 … صبح بهاران، صفحہ:20 - 24 ملتقطاً۔

2 … وسائلِ بخشش، صفحہ:380۔

تي براءِ راست (*Live*) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، جنهن ۾ بيشمار عاشقانِ رسول عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) حاضر ٿي ڪري علمِ دين جون برڪتون حاصل ڪندا آهن. هزارين عاشقانِ رسول پنهنجي شهرن/ علائقن ۾ اجتماعي طور تي مدني مذاڪرو ڏسڻ جو اهتمام ڪندا آهن ۽ مدني چينل، سوشل ميڊيا (مثال طور يوٽيوب، فيس بُڪ وغيره) جي ذريعي تہ دنيا ڀر ۾ بيشمار جاين تي ڏٺو وڃي رهيو هوندو آهي، ان مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول کي ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون حاصل ٿينديون آهن، اچو هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## علم ۽ حڪمت ڀريو مدني مذاڪرو

واه ڪينٽ (ضلع راولپنڊي) جي هڪ نوجون جو بيان آهي: نمازون قضا ڪرڻ، فلمون ڏسي ڪري شيطان کي خوش ڪرڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ وغيره ٻڌي ڪري مست رهڻ منهنجو معمول هو، آه! مان سنّتن تي عمل ڪرڻ کان محروم هيس، منهنجي گناهن ڀري زندگيءَ ۾ بهار ايئن آئي جو هڪ ڏينهن هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي سان منهنجي ملاقات ٿي وئي. ان مون کي سمجهائيندي اجتماعي سنّت اعتڪاف جو ذهن ڏنو، ان جي پياري انداز ۾ ڏنل نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي اثر ڪري وئي ۽ مان اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿي ويس، هاڻي منهنجا رات ڏينهن عبادت ۾ گذرڻ لڳا، پُرسوز بيانن ۽ رقت انگيز دعائن منهنجي دل جي دنيا ئي تبديل ڪري ڇڏي، ڪرم مٿان ڪرم هي ٿيو جو اجتماعي اعتڪاف ۾ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت ملي، سندن پُر اثر ملفوظات سان مان ايتري قدر متاثر ٿيس جو مون فوراً پنهنجي گذريل گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ نمازن جي پابندي جو عزم ڪري ورتو، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ترغيب ڏيارڻ تي چند جي رات جو گهر وڃڻ بدران راهِ خدا جو مسافر بڻجي ويس جتي علمِ دين جي سنهري موتين

سان دامن پرڻ جو موقعو مليو ۽ سنّتون سکڻ سان گڏوگڏ انهن تي عمل ڪرڻ جو جذبو به دل ۾ چوليون هڻڻ لڳو.

مدنی مذاکرہ ہے شریعت کا خزینہ | اَخلاق کا، تہذیب کا، طریقت کا خزینہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ ماهوار فيضانِ مدينه موبائل ايپليڪيسن متعارف ڪرائي آهي. هن ايپليڪيشن ۾ هي بهترين آپشنز موجود آهن: ❁ پويان تمام ماهوار فيضانِ مدينه جي ***PDF*** ❁ تمام ماهوارن جا مضامين (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر (***Share***) ڪري سگھجي ٿو ❁ سرچ آپشن جنهن ۾ تمام ماهوارن ۾ سرچ ڪري ڪو به مضمون تلاش ڪري سگھجي ٿو ❁ تمام مضامين جي موضوعات جي اعتبار سان ترتيب. اسمارٽ فون استعمال ڪرڻ وارا صارفين پلي اسٽور (***Play Store***) تان هن ايپليڪيشن کي ڊاؤن لوڊ ڪري پاڻ به فائدو حاصل ڪن ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به هن جي ترغيب ڏيارين.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت

ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## وليمو (شاديءَ جي دعوت) ڪرڻ سنّتِ مصطفيٰ آهي

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): وليمو ڪيو توڙي جو هڪ ٻڪريءَ سان ئي هجي[2] (2): برو کاڌو ان وليمي جو آهي جنهن ۾ مالدار گهرايا وڃن ۽ غريب ڇڏيا وڃن.[3]

اي عاشقانِ رسول! ❁ وليمو ڪرڻ سنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي اسان جا آقا. مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ وليمو ڪندا هئا امُّ المؤمنين حضرت صفيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح جي وقت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ وليمي ۾ حَرِيسه ڪرايو.[4] حَرِيسه جي وضاحت: ڪجور، مکڻ، ڪارڪون ۽ گيهه ملائي ڪري تيار ڪيل کاڌي کي "حَرِيسه" چيو ويندو آهي، انهن جا ڪوڙ قِسم آهن ۽ مختلف طريقن سان ٺاهيو ويندو آهي.

❁ اهڙيءَ طرح اُمُّ المؤمنين زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح جي وقت پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ وليمي ۾ هڪ ٻڪري ذبح فرمائي، هي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرفان ڪيل وليمن مان سڀني کان وڏو وليمو هو.[5]

وليمي جي دعوت جي بابت مدني گُلَ: ❁ وليمو مرد جي حيثيت جي مطابق آهي، مثال طور غريب آهي ته پنهنجي حيثيت جي مطابق دعوت جو اهتمام ڪري، امير پنهنجي حيثيت جي مطابق[6] ❁ وليمو شاديءَ جي پهرين رات کان

1 …تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343۔
2 …بخاری، کتاب:النکاح، باب:الولیمة ولو بشاة، صفحه:1329، حدیث:5167۔
3 …بخاری، کتاب:النکاح، باب:من ترک الدعوة، صفحه:1331، حدیث:5177۔
4 …بخاری، کتاب:النکاح، باب:الولیمة ولو بشاة، صفحه:1330، حدیث:5169۔
5 …بخاری، کتاب:النکاح، باب:الولیمة ولو بشاة، صفحه:1330، حدیث:5168۔
6 …فتح الباری، کتاب:النکاح، باب:الولیمة ولو بشاة، جلد:9، صفحه:293، تحت الحدیث:5167۔

بعد ڪرڻ سنّت آهي، ڪجھ ماڻھو نڪاح کان پھريان ئي وليمو ڪري ڇڏيندا آهن، هن طرح ڪرڻ سان سنّت ادا نہ ٿيندي. ۞ وليمي جي دعوت قبول ڪرڻ سنّت آهي، البتہ جنھن وليمي ۾ يا دعوت جي باري ۾ معلوم آهي تہ اتي خرافات (مثال طور ناچ گانا ٿيندا يا عورتون ۽ مرد ڪڏ ٿيندا) تہ اتي نہ وڃي.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙھو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو |
| ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1 …بہارِ شریعت، جلد:3، صفحہ:392، حصہ:16 خلاصتاً۔